# عدم تشدد جو تعارف

## عدم تشدد ڇا آهي ۽ اسين ان جو استعمال ڇو ٿا ڪريون؟

عدم تشدد تي ٻڌل مهم جي موضوع تي ڪتابچي ۾ اوهان جي ڪهڙي دلچسپي آهي؟ شايد ان ڪري جو اوهان ڪجھ ڪرڻ چاهيوٿا، شايد ان ڪري به جو اوهان ڪنهن ٻي شي کي ٿيڻ کان روڪڻ چاهيو ٿا، ۽ شايد اوهان محسوس ڪيو ٿا ته عدم تشدد تبديليءَ جو هڪ متبادل ذريعو آهي، وڏي تباهي کان بچي ڪري سماجي تبديلي جو هڪ رستو آهي. يا وري اوهان ڪجھ نئون، منفرد ۽ مختلف ڪرڻ چاهيو ٿا جنهن لاءِ اوهان کي گر گهرجن ڇو ته اوهان جو حلقو اڳ ئي عمل جي ميدان ۾ آهي ۽ بس ڪجھ وڌيڪ صلاحون گهرجن!

هن ننڍي ڪتابچي ۾ اسان عدم تشدد جي بنيادي وصف ئي اها ڏني آهي ته ”عدم تشدد (نان وايولينس) درحقيقت تشدد کي ختم ڪرڻ جي خواهش تي ٻڌل آهي“. پوءِ اهو جسماني تشدد هجي يا ادارتي استحصال مثلن محروميون، سماجي نفرت ۽ حقارت ۽ مظلوميت، تشدد جي انهن سمورن قسمن کي عدم تشدد جي ذريعي ختم ڪرڻ ئي هن تصور جي حقيقي معنا آهي. اها ڪا حتمي وصف نه آهي، جيئن ڪجھ ٻيون وضاحتون جيڪي فلاسافي جيان، شاعراڻي طرز تي يا ور ڪجھ فردن جون ذاتي وصفون موجودآهن.

عدم تشدد جي وضاحت ۽ مطلب مٿي بيان ڪيل وصف کان وڌيڪ به ٿي سگهي ٿو، مثلن هڪ اهڙي خواهش جيڪا سماج ۾ طاقت جي تعلقن ۽ توازن کي تبديل ڪرڻ چاهيندي هجي، جيڪا سماجي ڍانچي ۾ تبديلي آڻڻ چاهيندي هجي، هڪڙو اهڙو سياءُ جيڪو سموري انسانذات جو احترام ڪري، يا هڪڙي زندگيءَ جي فلاسافي ۽ تبديليءَ جو نظريو. اسين چاهينداسين ته اوهان انهن رستن جي ڳاڻ ڳوﻻ ڪيو. ان سوچ ۽ عمل جي اندر اختلافن کي سمجهو، پنهجا منفرد تجربه هڪ ٻئي سان ونڊيو ته جيئن هڪ گروه جي شڪل ۾ عدم تشدد تي ٻڌل عمل گڏيل طور وٺي سگهجي.

عدم تشدد جي رستي جي چونڊ ڪرڻ لاءِ ماڻهن وٽ مختلف سبب هوندا آهن، ڪجھ ان رستي جي ان ڪري واکاڻ ڪندا آهن جو هو ان کي وڌيڪ اثرائتو سجهن ٿا، ڪجھ ان کي سماجي تبديليءَ لاءِ موثر هٿيار سمجهن ٿا ۽ ڪجھ وري ان کي زندگي گهارڻ جو فلسو سمجهن ٿا. تحريڪ دوران به اهڙا مختلف خيال سامهون اچي سگهن ٿا، پر ان حوالي سان ڪجھ رهنما اصول ۽ بنياد پڙهڻ ۽ سمجهڻ گهرجن جيڪي مخصوص مهم سان ڳنڍيل هجن (ان حوالي سان وڌيڪ تفصيل پرنسيپلس آف نان وايولينٽ ايڪشن جي صفحي 31 ۽ نان وايولينٽ گائيڊلائينز صفحي 32 تي ڏسو) اهي رهنمائي وارا اصول ڪافي ماڻهن جي اختلافن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندا.

ڪڏهن ڪڏهن سمجهڻ دوران به اختلاف ٿي پوندا آهن ۽ مهم ۾ خلل پيدا ڪري سگهن ٿا، مثلن ڪجھ ماڻهن جو خيال هوندو ته جدوجهد دوران فقط عدم تشدد جا طريقا استعمال ڪرڻ گهرجن، ڪجھ وري چوندا ته مسئلن جي حل لاءِ عدم تشدد جي فڪر جو روح ته اهو به چئي ٿو ته انهن ماڻهن کي به شامل ڪيو جيڪي اوهان جا مخالف آهن. اهڙين حالتن ۾ جيڪي ماڻهو عمل جي ميدان ۾ موجود آهن انهن کي بنيادي روين تي غور ڪرڻ گهرجي ۽ انهن نقطن تي اتفاق ڪرڻ گهرجي جن ذريعي مهم تي مثبت اثر

پئي. هن خاص حالت ۾، جڏهن ڪجھ ماڻهو فقط فتح جي ڳالھ ڪن ٿا ۽ ڪجھ وري سڀني کي شامل ڪرڻ يعني مخالفن کي به شامل ڪرڻ جي ڳالھ ڪن ٿا، ان جو جدوجهد جي آخري مرحلن ۾ نه صرف ڳالهين بلڪه حڪمت عملي تي به اثر پوندو، خاص ڪري جڏهن جدوجهد جا آخري ڏينهن هوندا، ته ڳالهين جي حڪمت عملي ڇا ۽ ڪهڙي هجي.

ملڪيتن ۽ اثاثن کي نقصان پهچائڻ جي ڳالھ ڪارڪنن ۾ اختلاف پيدا ڪري سگهي ٿي ڇو ته ڪجھ ماڻهو تحريڪ دوران ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ واري عمل کي ضروري سمجهن ٿا ته دشمن کي اهو نقصان ٿيڻ گهرجي. اهڙي صورتحال۾ مهم جي اهميت کي ۽ عمل لاءِ ضروري رهنما اصولن کي طرف رهنمائي لاءِ رجوع ڪرڻ گهرجي. ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ واري رويي تي وڏيڪ بحث ڪرڻ جي ضرورت آهي، ان لاءِ رهنما اصولن سان رجوع ڪرڻ گهرجي، اهڙن بحثن ۾ دير نه ڪجي جو متان عدم تشدد جي تحريڪ تشدد تي لهي اچي. ڇوته ڪجھ ماڻهن لاءِ عدم تشدد جي تحريڪ جو مطلب ئي اهو آهي ته مخالفن ڏانهن جارحاڻو رويو نه هجي، سڀني ۾ چڱائي کي ڳولجي، جڏهن ته ٻيا ڪارڪن چاهيندا ته مخالف کي هارائجي ۽ ڪيس ٻڇڙو ڪجي، يا ڪين جنگي ڏوهن جو مجرم قرار ڏجي، ڪين ڪرپٽ ۽ ڏوهاري سڏجي. تنهن ڪري رهنما اصولن ۾ انهن ڳالهين جو تفصيلي ذڪر ڪيل هجي، خاص ڪري ته اهڙا حقارت ڀريا لفظ استعمال ڪيا ويندا يا نه. پر اختفلافن کي ۽ روين کي ملائڻ، ڳنڍڻ بابت گروپ ڊسڪشن ٿيڻ گهرجن جون افنيٽي گروپس جي صفحي 71 تي ذڪر ٿيل آهي. انهن گروپن جو مقصد هڪ اهڙي جاءِ جتي ماڻهو پنهجن سڀني شڪن جو اظهار ڪري سگهي ته جيئن سڀني جي گڏيل تربيت پڻ ٿئي. اهڙا مخصوص گروپ جوڙي عدم تشدد سان واڳيل معاملن تي هر هڪ ميمبر آزاداڻي نموني پنهجي ڳالھ رکي، مثلن طاقتور سان جيڪو مقابلو آهي ان کي جيڪو سچ چوڻو آهي، ان ۾ ڇاڇا هجي، کليل بحث هر هڪ جي سمجھ ۾ واڌارو ڪندو ۽ ڪين پاڻ ۾ ملائيندو، ورهائيندو نه.

عدم تشدد جي تحريڪ جي ڪارڪنن جو هڪڙو رويو اهڙو هوندو آهي ته هو پنهجن ساٿين کي اهڙو ڪرڻ ۽ بنائڻ چاهين ٿا جيئن هو مستقبل ۾، امريت ۽ تسلط کان جند آجي ڪري، اهڙائي آدرشي انسان هجن. جيئن مهاتما گانڌي پنهجي ”تعميراتي پروگرام“ جو تصور ڏنو هو (وڌيڪ ڏسو صفحي نمبر 40 تي) ته سچي تحريڪ جو مقصد ئي امن آڻڻ آهي ته پوءِ اسان کي به اهڙو ئي هجڻ ۽ ٿيڻ گهرجي جهڙي دنيا اسان بنائڻ چاهيون ٿا. جڏهن اسان ”طاقت کي سچ چوڻ“ جهڙا جملا ڳالهايون ٿا يا وري اهو چوڻ ته ”مختلف ماڻهن کي قبوليو سندن احترام ڪيو“ ته اسان بنيادي قدرن جي ڳالھ ڪري رهيا آهيون، اهي قدر ئي اسان جي طاقت آهن جن تائين اسان پهچڻ چاهيون ٿا.

**عدم تشدد تي ٻڌل عمل ڪيئن هلندو آهي؟**

عدم تشدد جو رستو تحريڪ کي ٽن حوالن سان سگهارو ڪندو آهي:

پهريون: تحريڪ جي ساٿين ۽ ڪارڪنن جي وچ ۾ اعتماد ۽ يڪجهتي جوتعلق مظبوط بڻجي ٿو. ڪافي ماڻهن کي اها خبر ئي ناهي ته جڏهن ڪين ٻين جو ساٿ حاصل هوندو آهي ته هو ڪيئن تخليقي صلاحيتن جو استعمال ڪندا آهن.

ٻيون: هن نقطي جو تعلق تحريڪ جي مخالفن بابت آهي:عدم تشدد تي ٻڌل تحريڪ جو مقصد مخالفن جي پرتشدد ڪاروائين جي مخالفت ڪرڻ آهي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بنائڻو آهي ته پرتشدد ڪاروائيون پس و پيش هنن لاءِ نقصانڪار ثابت ٿينديون. ان ڪان اڳتي ته غاصب جي طاقت جن ٿنبن تي بيٺل آهي انهن کي ڪمزور ڪرڻ آهي، مخالف غاصب قوتن جي ملازمن خلاف نفرت پيدا ڪرڻ جي بجاءِ هي تحريڪ کين پنهجو همدرد بنائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. کين اها ڳالهه ٻيهر سوچڻ لاءِ مجبور ڪندي آهي ته ڇا سندن وفاداريون صحيح آهن يا نه!

ٽيون: هن نقطي جو تعلق انهن ماڻهن بابت آهي جيڪي اڃان تحريڪ جو حصو نه ٿيا آهن:

ٻيون: هن نقطي جو تعلق مخالفن سان آهي: عدم تشدد جي فلسفي جو تصور اسان کي سيکاري ٿو ته تحريڪ دوران مخالف کي تشدد استعمال ڪرڻ جو ڪو فائدو نظر نه ايندو الٽو کيس اهو ڊپ هوندو ته ان جا اگرا ۽ ابتا نتيجه نڪرندا. ان ڪان وڌيڪ ته کين پتو پوندو ته سندن طاقت جا ٿنڀا ٽٽي پوندا. عدم تشدد جو فلسومخالفن جي ساٿارين ۽ سپاهين کي فقط ظالمن جو هٿيار نه بلڪه اهو امڪان به نظر رکندو آهي ته انهن کي به پنهجي ساٿي ۽ همدرد ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو.

هن نقطتي جو تعلق انهن ماڻهن سان وابسطه آهي جيڪي اڃان ڪنهن به حوالي سان هن تحريڪ جو نه حصو آهن نه ئي ڪا ڏر آهن. عدم تشدد تي ٻڌل تحريڪ وچٿرن ماڻهن سان پنهجو رابطو رکڻ لاءِ زبان ۽ ٻوليءَ جو معياري استعمال ڪري ٿي. ڇو ته اهڙا ماڻهو اڳتي هلي تحريڪ جا اتحادي ٿي سگهن ٿا.

عدم تشدد تي ٻڌل تحريڪ جي باني ڪارن مان جين شارپ به هڪ هو، هن چئن نقطن جي نشاندگي ڪئي ته اهي پيش ڪرڻ ۽ سمجهڻ گهرجن جيڪي ان تحريڪ جو بنياد آهن ۽ جيڪي ماڻهو هن قسم جي تحريڪ جي مخالفت ڪن ٿا تن جي اڳيان هي نقطه رکڻ گهرجن:

پهريون: تبديليءَ جي چئن بنيادن مان پهريون نقطو ماڻهن جو تبديل ٿيڻ آهي، ماڻهو پنهنجون وفاداريون مٽائي سگهن ٿا، تحريڪ اهڙي شيءَ آهي جيڪا ماڻهن کي تبديل ڪري سگهي ٿي، ۽ پنهجي فڪر ڏانهن مائل ڪري سگهي ٿي.
ٻيون: مخالف سخت دباءَ جي ڪري پوئتي هٽي سگهن ٿا، توڙي جو هو پنهنجي نقطه نظر تان پلي نه فرن.
ٽيون: ٺاه جو وچئون رستو: مخالف اقتدار ڇڏڻ کان علاوه تحريڪ جي اڳواڻن سان وچئين رستي جي ڳولا ڪري ٿو مطلب ته ٺاه ڪرڻ چاهي ٿو.
چوٿون: ڪن حالتن ۾ طاقتور قوتون مڪمل طور تباه، نيست و نابوت ٿي وڃن ٿيون، سابق سوويت يونين جو ئي مثال وٺو جو اتي جو حال ايترو خراب ٿيو جو عوام جي طاقت آڏو سابق سرشتو هلي نه سگهيو.

(وڌيڪ معلومات لاءِ ”فارمس آف ايڪشن“ ڏسو صفحي نمبر 46 تي.

عدم تشدد جي تحريڪ جي موضوع تي جيڪو تحقيقي ڪم ٿيو آهي ان جو گهڻو فوڪس تحريڪن جي حاصل ڪيل نتيجن تي رهندو آيو آهي ته ان حاصل ڇا ڪيو، ته ان تحريڪ اقتدار ۾ ويٺل حڪمرانن تي

ڪيترو ۽ ڪهڙو اثر ڇڏيو. حالانڪه تحقيق دوران ان ڳالھ جو به جائزو وٺڻ گھرجي ته اهو سچو عمل ڪيئن هو، ڪيئن جڙيو، تحريڪ کي زنده ڪيئن رکيو ويو، حڪمت عمليون ڪيئن جوڙيون ويون ۽ عمل جو تعين ڪيئن ٿيو ۽ ان جو جائزو ڪيئن ورتو ويو. اهڙين تحريرن جي برعڪس جيڪو ڪجھ اسين لکي رهيا آهيون سون سماجي تحريڪن جي جڙڻ بابت آهي، خاص ڪري اسان جو پنهجو جيڪو تجربو رهيو آهي تنهن به لکي رهيا آهيون، مختلف ملڪن ۾ هڪ ٻئي کان مختلف موضوعن ۽ اشوز تي هلايل تحريڪن جن ۾ ائٽمي هٿيارن مخالف تحريڪ کان وٺي فوجي آمريتن خلاف، امن لاءِ ۽ سماجي انصاف جهڙا موضوع شامل آهن.